SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر. VII، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.VII OF 1973

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (Contents)

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1957 جي پي او نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم
3. 1957 جي پي او نمبر 5 جي آرٽيڪل 6 جي ترميم
4. 1973 جي سنڌ آرڊيننس IV جي منسوخي

سنڌ ايڪٽ نمبر. VII، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.VII OF 1973

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

[28 جون 1973]

ڪراچي ترقياتي اداري جي آرڊر 1957 کي تبديل ڪرڻ وارو ايڪٽ.

تمهيد

جيئن تہ اهو ضروري آهي تہ ڪراچي ترقياتي اداري آرڊر 1957 ۾ ترميم ڪئي وڃي.

جيڪا هن ريت هوندي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذالعمل ٿيندو.

1957 جي پي او نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم

2. ڪراچي ترقياتي ادارو آرڊر، 1957 ان کانپوءِ لاڳاپيل آرڊر مطابق، شق نمبر (3) جي آرٽيڪل 5 کي ڪڍيو ويندو.

1957 جي پي او نمبر 5 جي آرٽيڪل 6 جي ترميم

3. چيل آرڊر ۾ شق نمبر (1) جي آرٽيڪل نمبر 6 جي لفظن جي وچ ۾ "دي" ۽ "ڊائريڪٽر جنرل" لفظ "چيئرمين ۽ دي" شامل ڪيو ويندو.

1973 جي سنڌ آرڊيننس IV جي منسوخي

4. سنڌ (ڪراچي ترقياتي ادارو آرڊر 1957 ترميم) کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.